

# يتيم جذبا

شهيد عبدالرزاق اڪيڊمي مورو سنڌ

# يتيم جذبا

(اگنات هرمين جي ناول Childless جو ترجمو)

سنڌيڪار

نذير احمد راهوجا

شهيد عبدالرزاق اڪيڊمي مورو سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڀ حق ۽ واسطا قائم

| | |
|---|---|
| ٿالو ڪتاب جو: | ”يتيم جذبا“ |
| ليکڪ: | اگنات هرمين |
| مترجم | ڄام نذير احمد راهوجا |
| ڇاپو نمبر: | پهريون |
| تعداد اشاعت: | هڪ هزار |
| اشاعت سال: | ١٩٧٩ع |
| ڀاران: | ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو. |

قيمت: ٽي رپيا پنجاه پئسا

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

ڇپائيندڙ: شهيد عبدالرزاق اڪيڊمي مورو سنڌ.
ڇپيندڙ: جمالي پرنٽنگ پريس ويسٽ ڪڇا ڳاڏي کاتو حيدرآباد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پنهنجي طرفان

مورو شهر ماضي بعد کان وٺي علم ادب جو مرڪز ٿي رهيو آهي. هن شهر جي اديبن هر ڏڪئي دور ۾ هڙان وڙان سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ جي جيڪا خدمت ٿي ڪئي آهي، سا وسارڻ جوڳي ڪانهي. حال ۾ جيئن ته موري شهر مان ڪو ادبي رسالو يا ڪتاب ڪونه ٿي نڪتو، ان ڪري اها کوٽ محسوس ڪندي، اسان ”شهيد عبدالرزاق اڪيڊمي مورو سنڌ“ جو بنياد رکي، ان پاران ادبي ڪتابن ڇپائڻ جو پروگرام رٿيو آهي.

هيءَ پهريون ڪتاب، ”يتيم جذبا“ موري جي نوجوان اديب نذير راهوجا جي ڪوشش جو نتيجو آهي، هن دوست، چيڪوسلوويڪيا جي اديب ”اگناٽ هرمين“ جي ناول Child less جو ترجمو ڪيو آهي. هيءُ ڪتاب، هن کان اڳ اردو زبان ۾ ”بي برگ و گياه“ جي نالي سان ترجمو ٿي، ڇپجي، پڌرو ٿي چڪو آهي.

سنڌيءَ ۾ جيئن ته نفسياتي ناولن جي کوٽ ٿي رهي آهي، تنهن ڪري اسان ڇپائڻ ۾ هن ڪتاب کي اوليت ڏني آهي. اميد ته پڙهندڙن کي به پسند پوندو.

اسان جا ايندڙ ڪتاب هيٺيان هوندا:

* حاجي خان ڪيريي جي ڪهاڻين جو مجموعو.
* مير محمد پيرزادي جي شاعري.
* ”ٻاهيون ٻيراڳين جون“، راشد مورائي جي شاعريءَ جو مجموعو.
* اديبن جا خط.

راشد مورائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڄام محمد سلطان راهوجا

جي نالي

جنهن جي ادبي زندگيءَ مون کي

واسيو آهي.

نــذيــر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

●

گهر ۾ ٻار جو موجود نہ هئڻ! هن جا دوست نہ چاهيندا هئا تہ ”هيءَ خوشقسمتي“ هن لاءِ ڪيتري قدر افسوسناڪ هئي- ڇو تہ هو پنهنجي زندگيءَ جي سڀني ڪاميابين مان اها خوشي حاصل نہ ڪري سگهيو، جا پينگهي ۾ سُتل ٻار جي هڪ معصوم صورت کي ڏسڻ سان پيدا ٿيندي آهي.

پنهنجي خوشحال زندگيءَ جي سڀني خوشين جي باوجود هو ان روايتي احساس کان ڇوٽڪارو حاصل نہ ڪري سگهيو، تہ ٻارڪان سواءِ زندگي نامڪمل هوندي آهي. اڪثر هو سوچيندو هو تہ آخر هن مڪمل ڪامياب زندگيءَ مان ڇا حاصل ٿيو؟ ۽ ايتري سٺي حيثيت حاصل ڪرڻ لاءِ هيءَ جاکوڙ ڪهڙي ڪم جي؟؟ پوڙهائيءَ ۽ ڪمزوريءَ سان مرڻ بعد هيءَ سڀ ملڪيت، هو ڪنهن جي لاءِ ڇڏي ويندو؟ ۽ حياتيءَ جي پڇاڙيءَ ۾ هن جي دل کي وندرائڻ جو ڪهڙو سامان هوندو؟

جيستائين هن جو پنهنجو تعلق هو، ان مايوسيءَ کي حادثو نہ سمجهندو هو ۽ ڪُٿِپ بہ نہ ڪندو هو تہ پنهنجي محبوب ميگڊا سان شاديءَ ڪئي ڪيترو عرصو گذري چڪو آهي ۽ هو اڃا تائين بي اولاد آهي.

هن هيءَ شادي سچي گهر کي وسائڻ لاءِ ڪئي هئي، ان ڪري هيءَ نامڪمل خواهش هن لاءِ تمام گهڻو ڏک رسائيندڙ هئي. ٻهراڙيءَ ۾ پلجڻ سبب هو شهر جي نمائشي زندگيءَ سان ملوث نہ ٿيو هو- اهڙي زندگي جنهن جو آخري مقصد رڳو خود نمائي هجي. هو ٻارن جو خواهشمند هو ۽ جڏهن هو پنهنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي خاموش ۽ خالي ڪمرن کي زندگيءَ جي حرڪت سان ڀرڻ ۽ ان ۾ بي ترتيبي پکيڙڻ لاءِ هو اڪثر پنهنجي دوستن کي ساني ڪاٺڻ لاءِ گهرائيندو رهندو هو- هو پنهنجي گهر جي هڪجهڙي ماحول کان بيزار بيزار رهندو هو، جتي سڀ شيون پنهنجيءَ پنهنجيءَ جڳهه تي صاف سٿريون ۽ چمڪندڙ پيون هونديون هيون ۽ گند جو هڪ ذرو به نظر نه ايندو هو- نرم ۽ نازڪ غاليچن تي پيرن جو ڪڙڪو به ٻڌڻ ۾ نه ايندو هو ۽ نه ئي وري ڪو ٻارن جو گوڙ گهمسان موجود هو.

"تون هڪ شهزادي جهڙي زندگي گذاري رهيو آهين،" سندس هڪ مهمان هڪ دفعي کيس چيو، "هي گهر ڪيترو نه آرام ڏيندڙ ۽ ڪهڙي نه سليقي سان سينگاريل آهي!"

"۽ هي آرٽ جا ڪهڙا نه سٺا نمونا آهن!" هن جي زال چيو، جا خوبصورت تصويرون، شاندار مجسما ۽ البم ۾ لڳل انهن شهرن جون تصويرون ڏسندي نٿي ٿڪي، جن جو سير ڪرڻ لاءِ رون ڪڏهن اڪيلو يا پنهنجي زال سان گڏ ويو هو- هن فرنيچر جي قديم دستڪاريءَ کي حسد ڀريل نظرن سان ڏسندي چيو، "تو کي شين کي سٺي ترتيب سان رکڻ جو سٺو ڏانءُ آهي."
هن آه ڀري، "تون خوشقسمت آهين."

ايوان رون انهن شين تي نظر وڌي جيڪي سندس حسد کي بيدار ڪرڻ جو سبب بنيل هيون ۽ هو پريشان نظر اچڻ لڳو- هن کي خريدڻ وقت، انهن شين سان دلچسپي هئي، ان وقت هن کي انهن شين کي ترتيب ڏيڻ يا ڀتين تي لڳائڻ سان خوشي حاصل ٿيندي هئي- ليڪن ان کان پوءِ انهن شين جي لڳاتار موجودگيءَ انهن کي، هن لاءِ عام بنائي ڇڏيو هو ۽ هاڻ نه انهن تي هن جي نظر ئي گهٽ پوندي هئي- پنهنجي آواز ۾ ڪنهن قسم جي خوشيءَ جي ملاوت کان سواءِ هن ان گول مٽول عورت کي چيو، "ها، ڪمرا خوبصورت ته ڪافي آهن،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

الزام هڻڻ جو به حق هو ڇا؟ دنيا ۾ ڪهڙو اهڙو ماڻهو آهي جنهن کي هي معلوم هجي ته سندس اڪيلائيءَ لاءِ ڪير ذميوار آهي؟ هڪ دفعي هن هڪ ڊاڪٽر کي انهن رازن کان آگاهه ڪري پنهنجي مايوسيءَ کان پناهه ورتي هئي- ڇا ڪو علاج ٿي سگهي ٿو؟ ڇا ڪري سگهجي ٿو؟ ان بدقسمتيءَ لاءِ ڪير قصوروار هو؟ نه، قصور نه آهي. هن پنهنجو پاڻ کي درست ڪيو، ڪوبه ڏوهه نه آهي.... ڪابه ناڪامي ناهي. پر سبب؟.... سبب؟؟ سبب پڌائڻ مشڪل هو. ڪنهن وقت ڏوهي مرڙس ڏسڻ ۾ پئي آيو ۽ ڪنهن وقت زال، هڪ نه سمجهڻ جهڙو نفسياتي مسئلو-

ڪان اڳ هو سوچيندو هو ته ڇا هو پنهنجي زال جا سڏڪا برداشت ڪري سگهندو يا نه؟ تڏهن هو ڪلاڪن انتظار ڪندو هو- جيئن هي مرحلو گذري وڃي ۽ هو چورن جيان ڪپڙو ني پنهنجي هنڌ ۾ داخل ٿي وينندو هو ۽ جڏهن هن ڪي عام حالت ۾ ساهه کڻندي ٻڌندو هو ته سک جو ساهه کڻندو هو ۽ ايندڙ صبح جو جڏهن هو ڪيس چمي ڏيئي جاڳائيندو هو ته سڀ محبت ۽ شفقت ان چميءَ ۾ سموهي ڇڏيندو هو ۽ ميڪدا پوريءَ گرم جوشيءَ ۽ مهربانيءَ سان بغلگير ٿيندي هئي- ته هو ڪانئس معافي گهرندي نظر ايندي هئي.

جڏهن هو ڪيس گهر ۾ گهٽي سليقي پسنديدگيءَ سان ڪم ڪار جي سلسلي ۾ هتان ڪان هٽ ڪهمندي ڦرندي ڏسندو هو ته نئين سر هن سان محبت ڪرڻ شروع ڪندو هو ۽ هن کي ڀهرين ڏينهن جيان چمندو هو، جڏهن هو ڪيس پنهنجي نئين گهر ۾ وٺي آيو هو. ان ڪري هن خيال جو لڳاتار پڙاڏو، ته اگر ڪو ٻيو هجي، جنهن جي هو سار سنڀال ڪن، ته هو ڪيترا نه خوش نصيب هجن، هن لاءِ سخت تڪليف ڏيندڙ هو.

هن جي وچڻ کان پوء هن جي زال پنهنجي پيتيءَ جو ڍانو کوليو. جنهن ۾ هن جون تمام قيمتي ۽ وڏيءَ بها واريون شيون رکيل هيون. ان مان آبنوس جي ننڍڙي پيتڙي ڪڍي، ان ۾ خط ڪي تالي سان بند ڪيو. چاهي ڪيسي ۾ وڌي ۽ لباس تبديل ڪرڻ هلي وئي.

هو ڏاڪڻين تان ڪڏ لهي ڪهڙيءَ ۾ آيا جتي ايوان زال ڪي پنهنجي ٻانهن ڏني. هي معلوم ڪري ڪهس بيحد خوشي ٿي ته هن ڪهڙيءَ مضبوطيءَ سان پنهنجو هٿ هن جي ٻانهن تي رکي ڇڏيو ۽ هو هن جي ڪهڙو پرسان ٿي ويو. ها! هيءَ ٻانهن هن لاء دنيا ۾ هڪ مضبوط پناه گاه هئي.

ايوان ڪي ڪوبه علم نه هو ته هن جي زال جي دماغ ۾ ڇا وهي واپري رهيو هو.

مائٽن منهنجي طرف ڪان ”هائو“ چئي ڇڏي، ڇا
مون کي هن جو ٿورو به خيال آهي؟ ڇا مون
کي هي ڇوڻ جو حق حاصل آهي ته، مان ان
ماڻهوءَ سان محبت ڪريان ٿي جنهن تائين
منهنجي پهچ ئي هڪ ڪوڙ جي واسطي سان ٿي
هجي؟.... مان هن جي اکين جو رعب ڪيئن
سهي سگهنديس؟ هن جي هنج ۾ مان ڪيئن
ساهه کڻي سگهنديس؟ هو مون کي اذيت ڏئي
زبردستيءَ منهنجي شادي ڪري رهيا آهن.......
هو منهنجي پڇڙيءَ کي وٺي ويا.... ۽ مان هن
کي ڏسڻ لاءِ بي تاب آهيان.... خبر ناهي هوءَ
ڪٿي آهي؟ هن کي ڇمڻ ۽ ڇاتيءَ سان ڀيڪوڙي
لڳائڻ جي خواهش ڪري مان مري رهي آهيان....
هوءَ ڪٿي آهي؟“

”هنن واعدو ڪيو آهي ته جيڪڏهن مان هن
سان شاديءَ لاءِ رضامند ٿي وڃان ته پڇڙيءَ کي
ڏسي سگهان ٿي! تنهنجي ڇمڻ لاءِ مون کي
ڪهڙي قيمت ڏيڻي پئجي رهي آهي؟ بدقسمت
ايوان! تون منهنجي لاءِ ڪهڙي قيمت ادا ڪري
رهيو آهين.... توکي ڪهڙيءَ طرح نه ڪيو
ويو وچي....“

آخري ڪاغذ ني جنهن جي ڀرين سٽ ڪاليل هئي
هن پڙهيو:-

”سياڻي منهنجي شاديءَ جو ڏينهن آهي.... مون
کي اڄين معلوم ٿي رهيو آهي ته هي منهنجي
ماتم جو ڏينهن هوندو. افسوس! مان اڄين محسوس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوءِ هن خاموشيءَ سان خطن، ڪاغذن، تصويرن ۽ ننڍين ننڍين شين کي پيتيءَ ۾ ترتيب سان رکي ڇڏيو ته جيئن ڪنهن ٻئي انهن جو ڏارين هٿن سان ڇيهيل هجڻ ظاهر نه ٿئي. جڏهن هن نينڙيءَ ميگدا جو نياڻو خط کنيو. جنهن هن کي پنهنجي زندگيءَ جي تمام ڪوڙين گهڙين سان همڪنار ڪيو هو، ته هن انهن نينڙن ڏڪارن هٿن سان لکيل سٽن تي هڪ دفعو وري نظر ڊوڙائي. هاڻ هو ان بابت وڏيڪ سوچ ويچار ڪري سگهيو ٿي. افسوس ته هن نينڙيءَ دل هن مهل تائين ڪيتري نه مصيبت سٺي هوندي، پر هن جي زال ان وقت کان، جڏهن هن ان سان شادي ڪئي ۽ پنهنجي ڌيءَ کان جدا ڪئي وئي، هن مهل تائين ڪيترو نه ڏک سٺو هوندو- ڏينهن- مهينا- سال... ڏهه ڏکيا سال!... هن نازڪ عورت پنهنجو پاڻ تي قبضو ڪرڻ ۽ جدائي سهڻ ۾ ڪيتريءَ نه همت جو ثبوت ڏنو هو. يا ڪيس ڪنهن اميد جو سهارو هو؟ هي اميد ڪهڙي هئي؟

ايوان هنن اکرن تي اچي بيهي رهيو:-

”پياري!! امان! هڪ دفعو وري اڄ منهنجي جنم ڏينهن، سينٽ پيٽر يا سينٽ پال جي ڏينهن اچ.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خيال پنهنجيءَ سڀ لڪل قدرتي مامتا سان گڏ پنهنجي ٻارڙيءَ طرف ڊوڙي ويندا هئا، جنهن کي پنهنجي ڪرڻ جي هوءَ همت نه ڪري سگهندي هئي. جنهن تي هوءَ فخر نه ڪري سگهندي هئي. جنهن کي هوءَ دنيا جي اڳيان نه پيار ڪري سگهي ٿي، نه ڪپڙا پارائي سگهي ٿي، نه ئي اسڪول وٺي وڃي سگهي ٿي، نه ئي رات جو پيار سان سمهاري سگهي ٿي ۽ نه ئي کيس هي خوشي نصيب هئي ته هن جي لاءِ ڪو حيران ڪندڙ رانديڪو تيار ڪري خوشيءَ سان ٻهڪندڙ ننڍڙي چهري کي ڏسي جي خوشي حاصل ڪري سگهي. ٻارڙيءَ کي انهن سڀني خوشين کان محروم ڪيو ويو هو ۽ ان سان گڏ خود هن کي ٻيا ڪيتري نه ڏکي سزا هئي هن لاءِ! هوءَ هڪ اهڙيءَ ٻارڙيءَ جي ماءُ هئي جنهن کي هوءَ پنهنجي گهر نٿي آڻي سگهي. هن محسوس ڪيو ته ميگدا کي صحيح معنيٰ ۾ هن هميشه سڃاتو آهي ۽ پنهنجن سڀني ڪوڙن جذبن جي باوجود هن آه ڀريندي چيو: ويچاري ميگدا!.... ميگدا جي هڪ ٻارڙي هئي. هن جا خيال هڪدم هتي اچي بيهي رهيا- ”هوءَ حقيقت ۾ بي اولاد نه هئي!“

ايوان رون پنهنجي ٽوپي لاٿي، منهن تان پگهر اگهيو ۽ سامهون وارين ساين ٻوٽن تي نظر ڊوڙائي. کيس خبر نه هئي ته هو ڇا ڏسي رهيو هو. هو پنهنجي اندر ۾ ڏسي رهيو هو.

سندن بي اولاد هئڻ واريون سڀ اداس گهڙيون، هن جي روح سامهون اچي ويون. کيس ياد آيو ته ڪهڙي نموني هن پنهنجي بي‌اولادي جو سبب معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ۽ ڪيتري اذيت سٺي هئي- ۽ هن جي زال هڪ ٻارڙيءَ جي ماءُ هئي.... ماءُ هئي!

هو ٿڌيون آهون ڀريندي بيٺو رهيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪڏهن ميگدا هن جا خيال سمجهي وٺندي هئي، ته هن جي دل تي ڇا گذرندي هوندي؟ ڇا هوءَ سمجهندي هئي ته ايوان بي اولاديءَ لاءِ ڏوهي ميگدا کي سمجهندو هو؟ ۽ ڪيس هي الزام خاموشيءَ سان سهڻو پوندو هو.

هو شرم ۾ ٻڏي ويو. هو هميشه محسوس ڪري رهيو هو ته سندن ملاقات واري ايندڙ گهڙي ڪيتري نه ڏکي هوندي. ايوان رون ٻنيءَ جي پاسي سان وري هلڻ لڳو. هيءَ پرواهه نه ڪندي ته هو ڪاڏي وڃي رهيو آهي. هو پنهنجن خيالن جي وٺندڙ يادن کان لڪڻ جو رستو ڳولي رهيو هو. هن گهڙين ۽ ڪلاڪن کي نه ڳڻيو، ڪيس هي خبر نه هئي ته هو ڪيتري دير کان بيڪار گهمي رهيو هو. جڏهن ته ٻڏندڙ سج ڪيس رات جي اچڻ جو پڌائي ڇڏيو.

هو تڪڙ ۾ پراگ ڏانهن مڙيو. هي سوچڻ کان سواءِ، ته هو ڪهڙي رستي تي وڃي رهيو هو. ۽ وري هن رستي جي ڪنهن طرف ڌيان ڏنو. ٿوري دير کان هو فرانسس جوزف پل لنگهڻ لاءِ مڙيو.

سوڙهيءَ ايلزبيٿ بازار ۾ پهچڻ کان اڳ، هن ۾ روزمره جي زندگيءَ جو احساس پيدا نه ٿيو. ڪيس وڏن گهرن جي ڳاٽالي کان ٻاهر درين وارين ٻن قطارن کي ڏسي خيال آيو: هي هڪ وڏي شهر جو ننڍو حصو آهي، ان جي باوجود انهن درين ۽ ڪمرن جي پويان، شاندار محلن جي ڇتين، ٻاڻن ۽ پوين رستن جي هيٺان حقير انسانن جو ڪيترو وڏو ميڙ آهي. زندگيءَ جا ڪيترا افسانا، ڳجهارتون ۽ جذبا بلڪل آهن. ۽ جڏهن هي تڙپندڙ روح ٻاهر گهٽين ۾ نڪرندا آهن ته هو اهو سڀ ڪجهه لڪائي ڇڏيندا آهن جيڪو انهن جي دلين تي گذرندو رهي ٿو.

هو هن خيال کان ڊڄي ويو ته ڪير هن جي منهن مان هي اندازو نه لڳائي وٺي ته هو ڪيترو ڏکارو، مظلوم ۽ مايوس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ناهي. جيئن تنهنجو خيال هو. پر ان هوندي به مون کي اميد آهي ته تون هن سان ٺهي ويندين. پرينهن اسان سان نارٿ ويسٽرن اسٽيشن تي ڏينهن جو هڪ وڳي ملجان. خيال رکج ته ماني بلڪل تيار هجي. اسان گهڻو ڪري بکيا هونداسين."

ملاقات جو مشتاق
"تنهنجو ايوان."

●

ميگدا اسٽيشن جي طرف منجهيل دل کڻي پنهنجي مڙس جي استقبال لاءِ وئي. پليٽ فارم تي هوءَ هيڏانهن هوڏانهن گهمندي رهي. اسٽيشن تي پهچندڙ گاڏيءَ جي ڪوڪ پڌي هن جو ساهه ٻيهي رهيو. هيءَ نوجوان عورت اهڙي نموني چپ بيٺي هئي ڄڻ هن جا پير انهيءَ جڳهه تي ڄمي ويا هجن. فقط هن جون اکيون هڪ دٻي کان ٻئي ڏانهن ڏسندي هليون ٿي. انهيءَ ڪولا ۾ ته هن جو مڙس پارٽيءَ سان گڏ ڪهڙي دٻي مان لهي ٿو. پر هر هڪ مسافر استقبال جي لاءِ آيل پنهنجي عزيزن ۽ مائٽن کي ڪولڻندو هن جي پرسان لنگهي ٻئي ويو. هڪ ٻئي پويان ڪيترا مسافر گاڏيءَ ۾ لهي ويا ۽ آخرڪار گاڏي صفا خالي ٿي وئي. دٻن جا کليل دروازا ڪاٺ جي پرن جيان معلوم ٿي رهيا هئا. مشين جي سون سون به گهٽ ٿي وئي. ايوان ڪٿي ڏسڻ ۾ نه آيو. هو نه آيو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# شهيد عبدالرزاق ڪتاب گهر

## مورو سنڌ

(نزد پوسٽ آفيس)

هتان هر قسم جا سنڌي ادبي ڪتاب ۽ رسالا نهايت مناسب قيمت تي ملي سگهندا

# شهيد عبدالرزاق اسٽيشنري هائوس

## نزد ممتاز ٽاڪيز مورو سنڌ

هتان هر قسم جا نصابي ڪتاب، نوٽبڪ ۽ ٻيو اسٽيشنري جو سامان نهايت سٺو، سستو ۽ رعايتي اگهن تي هر وقت ملي سگهي ٿو.

(فريم سازي ۽ جلد سازي جو ڪم به تسلي بخش نموني ڪيو وڃي ٿو.)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



نذير احمد راهوجا، ٢- جولاءِ ١٩٥٢ع تي، موري شهر کان ٥ ميل اتر طرف ڪوٽ ”سناهي“ ۾ ڄائو. گهر ۾ وڏن جي هڪ بهترين لائبرري ائس، جنهن ننڍي هوندي کان هن کي علم ادب جي ميدان ۾ ڇڪي آندو. پرائمري اوستا کان وٺي ڪهاڻيون، مضمون ۽ شعر لکندو اچي. سندس والد محترم پليڊر هو بهتر به سٺو شاعر هو.

نذير جي طبيعت عجيب ڪيفيتن جي حامل آهي. هڪ ئي وقت عاشق مزاج، حساس، ضدي، بي ڊپو ۽ نوان پسند آهي هر علم تي پڙهيو ائس، ان ڪري هر مسئلي تي وضاحت سان ڳالهائي سگهي ٿو. فلسفي، کهڙ-ڳالهائو، جاسوسيءَ جو ماهر ۽ فوٽوگرافيءَ جو شوقين به آهي. ڳائڻ سان ڏاڍي دلچسپي ائس، پاڻ بي سرو آهي. حد درجي جو حساس هئڻ ڪري هڪ دفعو آپگهات به ڪيائين، پر بچي ويو، هن وقت مرحوم پيءُ جي زمين سنڀالي رهيو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، چو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو.

اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book